# حضرت مخدوم غلام محمد "مغموم" عرف گل سائين صدّيقي قريشي هالائي رحمة الله عليه
## (1303-1364هه/1886-1944ع)

حضرت غوث الحق مخدوم نوح فقير عليه الرحمت جن جا سورهون نمبر سجّاده نشين، حضرت مخدوم غلام محمد عرف "گل سائين" رحمة الله عليه ولد صاحبِ شريعت حضرت مخدوم ظهير الدين رحمة الله عليه جن وڏي ڪمال ۽ بزرگيءَ وارا فقير بير هئا. سندن فقيري ۽ فضيلت واري مهراڻ مان ڪئين سرسبز شاداب و آباد ٿيا. گل سائين رحمة الله عليه جن، "سخاوت ۾ بيمثال هئا، جيڪي هوندو هون سو ڏئي ڇڏيندا هئا، سائل کي اهو ڏيندا هئا جيڪي هو گهرندو هو."[381]

"مخدوم صاحب نياز ۽ حلم جو مجسمو هو. ڳالهائيندو ٿورو هو. سدائين سڪوت ۾ رهندو هو جيڪڏهن ڪو ساڻس ڳالهائيندو هو تہ بہ ٽن چوندبيل لفظن ۾ اهڙو تہ جواب ڏيندو هو جنهن تي وڏن جيد عالمن ۽ فيلسوفن کي بہ رشڪ اچي".[382]

"پاڻ صاحبِ اخلاق، صاحبِ تهذيب، صاحبِ تميز، صاحبِ خردمندي، صاحبِ سنجيدگي ۽ صاحبِ خموشي وغيره ۽ ذڪر فڪر ڪندڙ هئا، هميشہ ڪندَ هيٺ ڪري ويهندا هئا. ڪتابن جو گهڻو مطالعو ڪندڙ هئا تنهن ۾ بہ ديوانِ حافظ جو زياده مطالعو ڪندا هئا، هميشہ خاڪي لباس ۾ ملبوس هوندا هئا."[383]

Gul Hayat Institute

جن کي دَوُر درد جو سبق سور پڙهن
فڪر ڦرهي هٿ ۾ ماٺ مطالع ڪن
پنو سو پڙهن جنهن ۾ پَسن پرين کي
حضرت شاهہ صاحب رح

---

[381] رفيق حيات، ص: 161.
[382] جي ايم سيد، جنب گذاريم جن سين، جلد 1، ص: 97.
[383] مخدوم محمد زمان طالب المولي، يادِ رفتگان، ص: 143.

مجاور درگاھ سروري[387] وٽ طئي ڪيائون ۽ باقي تحصيل پير جهنڊي جي ڪوٽ تي مولانا عبيدالله سنڌيءَ وٽ پير سيد رشيد الدين[388] (1836_1899ع) جي وقت ۾ ڪيائون.[389] امامِ انقلاب مولانا عبيدالله سنڌيءَ (ولادت: 10 مارچ 1872ع وصال: 22 آگسٽ 1944ع) کان فارسيءَ سان گڏوگڏ مثنوي مولانا روم ﷫ جو سبق پڻ ورتائون. مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيائون. "ڪافي" ڪتاب واري تصوير سندن ان زماني جي يادگار آهي. پاڻ وڏا عالم ۽ صحبت يافته هئا. اهل الله ۽ عالمن جا مربي، بزرگن ۽ فقيرن جا سهيوڳي هئا. درس نظامي جا فارغ التحصيل ۽ دستاربند عالم هئا ۽ انگريزي تي به عبور حاصل هو.[390]

## شادي ۽ اولاد:

پاڻ هڪڙي شادي ڪيائون، سندن شادي خانه آبادي 1914_1915ع ۾ هالا شريف ۾ ٿي. جيڪا سندن والد بزرگوار ڪرائي هئي. حضرت مخدوم غلام محمد رح جن جي عمر ان وقت ٽيهه سال هئي. سندن سُهرو اٽل خان،

---

[387] قاضي حافظ مولوي شفيع محمد (1870_1935ع):
مولوي شفيع محمد 19 ذيقعد 1286ھ مطابق 21 فيبروري 1870ع تي تولد ٿيو. قرآن پاڪ جو علم پنهنجي والد حافظ حاجي آخوند محمد قاسم کان حاصل ڪيائين ۽ مولانا محمد عمر ڪُبَرَ وٽ تحصيل ياب ٿيو. آخوند صاحب، پهرين حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار ﷫ ۽ بعد ۾ حضرت مخدوم ظهير الدين ﷫ جن وٽ حاضري ۾ رهيو ۽ سندن خواهش تي، ڪڏهن ڪڏهن ڪين صبح ۽ شام جي وقت مثنوي مولانا روم ﷫ پڙهي ٻڌائيندو هو. حضرت مخدوم محمد زمان سرڪار ﷫ جن کيس هالا شهر جو قاضي مقرر ڪيو. سالن جا سال وڏي ايمانداري انصاف ۽ بي ريائي سان ذميداري نڀايائين. آخوند شفيع محمد شادي ڪا نه ڪئي، سندس انتقال 15 ذيقعد 1353ھ مطابق 20 فيبروري 1935ع تي هالا ۾ ٿيو.

[388] حضرت پير سيد رشيد الدين ولد پير سيد محمد ياسين راشدي جي ولادت، 1836ع ۾ ٿي ۽ سندس وصال، 7_ربيع الاول 1317ھ/16 جولاءِ 1899ع تي ٿيو. سندس روضو ڳوٺ پير جهنڊي ۾ آهي. سندس والد پير سيد محمد ياسين راشدي جو انتقال 18 فيبروري 1859ع تي ٿيو. احوال لاءِ ڏسو تذڪره مشاهيرِ سنڌ، جلد 3، ڇاپو 1986ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

[389] ڪچڪول، مقدمو، ص: 35.

[390] رفيقِ حيات، ص: 160.

دراني پٺاڻ هو.[391] الله جي فضل وڪرم سان ڪين ٻہ نياڻيون ۽ ٽي فرزند ٿيا.
سندن فرزندن جا اسمائي گرامي هن طرح آهن:

حضرت پير ميان محمد زمان رحمة الله عليه
(1916_1916ع)

حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رحمة الله عليه
(1919_1993ع)

حضرت پير ميان امين محمد رحمة الله عليه
(1925_1928ع)

## سجّاده نشيني:

حضرت گل سائين رحمت الله عليہ پنهنجي مرشد ۽ والد بزرگوار

---

[391] اٽل خان دراني:
اٽل خان دراني ولد مير محمد خان پوپلزئي دراني پٺاڻ جي ولادت ڪوٽ سبزل، رياست بهاولپور ۾ ٿي. سندس سلسلہ نسب مير محمد خان کان ٽيندو سردار جهان خان پوپلزئي سان ملي ٿو. سردار جهان خان کي قنڌار جي بادشاهہ احمد شاهہ ابداليءَ پنهنجي فرزند، واليءَ لاهور شهزادي تيمور جو معاون مقرر ڪيو هو. سردار جهان خان پنهنجي ڪٽنب ۽ قبيلي سان گڏ پهرين ڪوٽ سبزل ۾ مقيم ٿيو جتان 18 صدي ۾ خاندان جي ٻين افراد سان گڏ لڏي سنڌ ۾ آيو. سندس ٻيا مٽ مائٽ (مير محمد خان وارا)، سبزل ڪوٽ ۾ ئي رهيا، اتي رهڻ جي ڪري سندن ٻولي آهستہ آهستہ متجي سرائڪي ٿي وئي. مير محمد خان جي انتقال بعد، اٽل خان دراني پنهنجي ڀاءُ ڪمال خان ۽ همشيره سان گڏ هميشہ لاءِ بهاولپور مان هجرت ڪري مختلف هنڌن تي ترسندو بالآخر اچي گڏؤ (موجوده پٺاڻ ڳوٺ، حسين آباد، حيدرآباد) ۾ رهيو. اٽل خان کي هڪڙي نياڻي بيبي (والده صاحبہ حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائينؒ) ۽ ٻہ فرزند مير محمد خان ۽ محمد يوسف خان تولد ٿيا. ڪمال خان کي هڪڙي نياڻي ڄائي جنهن جو نڪاح غلام محمد خان عرف خان وڏي سان ٿيو. سندن همشيره جي شادي خدا يار خان سان ٿي، جنهن مان هڪڙي نياڻي تولد ٿي جيڪا خان غلام محمد خان جي چاچي محمد حسن خان جي نڪاح ۾ آئي. محمد حسن خان لاولد انتقال ڪيو. اٽل خان درانيءَ جو انتقال اندازاً 1914ع کان اڳ وڏي عمر ۾ ٿيو سندس مزار پٺاڻ ڳوٺ ۾ موجود آهي.

Gul Hayat Institute

صاحب شريعت حضرت مخدوم ظهير الدين عليہ الرحمت جن جي وصال 11 جنوري 1927ع بعد 9 رجب 1345ھ مطابق 14 جنوري 1927ع[392] تي سورهين سجّاده نشين جي حيثيت سان حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور عليه الرحمت جن جي فقيري مسند تي رونق افروز ٿيا.

## شاعري:

ڪين فقيري ۽ شاعري ورثي ۾ مليون هيون. پاڻ صاحب الطرز شاعر هئا. شعرن ۾ مٺي ۽ فصيح ٻولي ۽ وڻندڙ استعارا استعمال ڪيا اٿن. سندن تخلص "مغموم" هو ۽ ڪٿي ڪٿي "سرور علي" بہ تخلص طور ڪتب آندو اٿن.

"محمد فقير ڪٽياڻ ۽ مهدي سائين پنهنجي ٻالڪن تي نئون نالو رکندا هئا ۽ نالي جي پويان "علي" جو لفظ ضرور هوندو هو جيئن "امام علي"، "بحر علي" ۽ "مظهر علي" وغيره تيئن فقير صاحب مرشدنا والد صاحب جن کي بہ "سرور علي" ڏنو مگر پاڻ سندس ٻالڪا ڪو نہ هئا تاهم نالو پسند ڪيائون ۽ سجع لکي مُهر ٺهرايائون."[393]

"حضرت مخدوم غلام محمد ﷬ جن گهڻون ڪلام چيو ليڪن سندن ڪافي ڪلام دستياب ڪونهي، هڪ سہ حرفي، هڪڙو مرثيو هڪ فارسي غزل، ٻہ فرد، ٻہ سنڌي غزل ۽ ٻہ سنڌي ڪافيون موجود آهن. سندن ڪلام مجازي بلڪل نہ آهي."[394]

ماهنامہ فردوس 1956ع جي "حضرت مخدوم نوح ﷬ نمبر" ۽ يادِ رفتگان جي پهرئين شماري 1953ع ۾ جيڪا حضرت گل سائين ﷬ جن جي نالي ۾ ڪافي ڏني وئي آهي اُها حضرت گل سائين ﷬ جي نہ بلڪ فقير صاحب محمد فقير ڪٽياڻ جي آهي. حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولي رح جن، يادِ رفتگان جي ٻئي ڇاپي ۾ ان جي نشاندهي فرمائيندي ان بدران گل سائين ﷬ جن جي پنهنجي ڪافي ڏني آهي. هتي گل سائين ﷬ جي اها ڪافي ۽ حضرت علي عليہ السلام جن جي شان ۾ چيل سندن سہ حرفي ڏجي ٿي:

---

[392] گنجينۂ اسرار سروريہ. قلمي.

[393] مخدوم محمد زمان طالب المولي، يادِ رفتگان. ص: 145.

[394] مخدوم محمد زمان طالب المولي، يادرفتگان. ص: 145.

## ڪافي[395]

ڪاهي تون رس ڪمڪَ تي هربار يا عليؑ
پرتو اٿئي هي ٻازي پينار يا عليؑ
اي انّما جا انسر خير البشر جا دلبر
تنهنجو لقب ٿيو حيدر ڪرار يا عليؑ
اي هلّ اُتي جا صاحبَ شاهِ رُسل ﷺ جا نائب
طاعت تي تنهنجي واجب تقرار يا عليؑ
آقا هي وقت آهي رس تون مدد تي ڪاهي
دشمن کي ڪريو ڍاهي مسمار يا عليؑ
عاجز ابوجهه بيحد آهي "غلام محمد"
ان کي عطائي احمدؐ درڪار يا عليؑ

## سه حرفي

الف۔ اعليٰ آهه افضل اڪمل و اڪبر عليؑ
آن امام است اتقيا را اوّل و آخر عليؑ
ب۔ بهادر بت شڪن بدرالدجيٰ بوذر جو پير
باعمل بي مثل بهتر بعد پيغمبر عليؑ
ت۔ تواضع جي طلب ڪئي تاجدار انما
تابع امر الاهي تاركِ تڪبر عليؑ
ث۔ ثنا مولا جي ثابت ساري قرآن ۾ ڏسو
ثاني سليمان جو چوان يا ثاني اسڪندر علي
ج۔ جنگجو پهلوان جائي جنابِ مرتضيٰ
جنگ جو جهونجهار بر جملہ جهان جابر عليٰ
ح۔ حيا ۽ علم جو صاحب برادر مصطفيٰ
حامي هيٺن جو حبيب، دادگر حيدر عليؑ

---

[395] يادِ رفتگان، ص: 146/147.

خ- خليفو حق جو خالق جو خاصو خوش لقا
خلد جو خازن شِهِ خيبر ڪشا خاور عليؑ

د- درماندن جو دائم داد رس دلدل سوار
دلبرِ خير البشر داور جي در بهتر عليؑ

ذ- ذاتي ذڪر ۾ هو محو شير ذوالجلال
ذي حشم ۽ ذوالعطاءَ ۽ ذوالحياءَ ذاڪر عليؑ

ر- رضا تي ربّ راضي رازدانِ مصطفيٰ
رهنما راهِ يقين جو راستگو رهبر عليؑ

ز- زبردستِ جهان زورآزما شاهِ زمن
زينتِ ارض و سما ۽ صاحب و صفدر عليؑ

س- ساري سر الاهي جو سراسر رازدار
ساقيءِ ڪوثر سخي سلطان دين سرور عليؑ

ش- شاهِ اولياءَ شهزادهٔ عالي نسب
شير حق شاهِ حجازي شُڪر گو شاڪر عليؑ

ص- صلواتون صحيح صد بار صاحب جي مٿان
صف شڪن صائم سدائين صاف دل صابر عليؑ

ض- ضرغامِ الاهي زيردستان را پناهه
۽ ضعيفن لئي ضياءُ الدين زيباور عليؑ

ط- طمع ترڪ ڪئي تقدير جي تابع تمام
طالبن ڪي ترت تنگيءَ ۾ رسي طاهر عليؑ

ظ- ظفر ڪيئن اُحد ۽ خندق بضربِ ذوالفقار
زبده اولاد آدم طاهر و اظهر عليؑ

ع- عاشق عارفِ بالله عالم جو امين
عاجزانرا دستگير و قاتل عنتر عليؑ

غ- غالب ڪل غالب تي غلام محمد جو پير
غرق در بحرِ فنا از غايتِ اطهر عليؑ

ف- فلڪ تي فيض فائق فاتحِ بدر و حُنين
فارغ الدنيا و مافيها ڪان فاضل تر عليؑ

قدر دانِ مصطفيٰ
ق- قربان راهِ حق ۾ قائم و قائد شه عقده ڪشا قاهر عليؑ
ڪ- ڪعبي ۾ تولد ٿيو ڪشنده ڪافران ڪارروان سالارِ امت قبلهٔ قنبر عليؑ
ل- لعلڻ لحمڪ و لحمي سان ٿيو جلوه نما لطف جو سرتاج شيرِ حق شهه شاطر عليؑ
م- مرقد جو محمد ﷺ جي مجاور مرتضيٰ مصطفيٰ ﷺ من ڪنت مولا چيو شهِ منبر عليؑ
ن- نورِ ڪبرياؔ ۽ صاحبِ نهرِ لبن نائبِ ختم الرسل ﷺ شد نافع و ناصر عليؑ
و- واحد ساڻ واصل رازدارِ انبيا وارثِ خيرالأمم ﷺ والشيم قاهر عليؑ
ه- هميشه رک تون شاهِ هل اتيٰ "مغموم" کي هجر کان زيارت جي حيران ٿو رهي هر هر عليؑ!
لام لائق لطف سان لاهيندو لوڏا مون مٿان لائقِ لطف و لطافت صاحبِ لشڪر عليؑ
ء- عاصم آهيان آڏر امير المؤمنين! شاد ڪر شاها! ز بهرِ شافعِ محشر عليؑ
ي- يَدُاللهِ فَوقَ اَيدِيهِم ثنا ساجد جو شان يُنفِقُونِي فِي سَبِيلِ اللهِ، تون ياور عليؑ.

پاڻ جوانيءَ کان وني فقيري اختيار ڪيائون ۽ آخر تائين تارڪ ۽ زاهد رهيا، سندن زهد ۽ رياضت، جهد ۽ جهاد بالنفس جو مثال اڄ ڪلهه ڪٿي به نظر نٿو اچي. اوائلي زندگي "پڪن شريفن" تي چلن ۾ گذاريائون. اڄ تائين سندن آثار ۽ پڪا اتي موجود آهن. سندن مجاهدن ۽ رياضن جو بيو مرڪز آهي ڪرڙي مڪان،[396] پاڻ خلوت جي زماني ۾ ڇهه ڇهه مهينا ٻاهر نه

[396] ڪرڙي مڪان، نئين سعيد آباد وٽ تعلقه هالا ۾ آهي (مصنف)

Gul Hayat Institute

نڪتا، پر ڪڏهن ڪڏهن تہ روزانو "پڪن" تي ويندا هئا. صوم و صلوات جا پابند هئا. هر موسم ۾ عبادت گذار رهيا. پاري ۾ بہ ٿڌي پاڻيءَ سان وضو فرمائيندا هئا. سندن تصوف ۾ صوفيانہ مشرب حقيقي ۽ خالص هو.[397]

سندن صوفيانہ مسلڪ رندانہ ۽ ملامتيہ قسم جو هو. مڪرو رياءَ، ناموس ۽ خرقہ سالوس کان گهڻو دور هئا.[398]

والد جي حياتيءَ ۾ ئي هن جو لاڙو فقيري درويشيءَ طرف هو. ابڙيچن[399] جي نزديڪ ڇارن ۾ چلہ ڪشي ۽ غور فڪر ۾ مشغول رهندو هو. خوش قسمتيءَ سان سگهوئي سندس محمد فقير کٽياڻ سان واقفيت ٿي، جنهن "همہ اوست" جي نقطہ نگاهہ کان کيس نہ صرف واقف ڪيو پر کيس "خودي ڪائڻ"، جي اهڙي تعليم ڏني، جنهن هن مان وڏ ماڻهپيءَ ۽ معتبريءَ جا سڀ اثر ختم ڪري ڇڏيا. اهو سندس خودي ڪائڻ جو معراج هو جو هالن جي بازار مان فقيرن سان گڏ لنگهيو نہ تہ عام طرح مخدوم صاحب بازار ۾ اچڻ کي عيب سمجهندا آهن.[400]

مرشدنا قبلا والد صاحب جن روزانو ٻي بجي کان ڇئين بجي تائين مون کي تربيت ڏيندا هئا. هڪ ڀيرو فرمايائون تہ "اسان جو مذهب "حنفي" آهي. محمد فقير کٽياڻ (1876_ 4 فيبروري 1941ع)[401] ۽ مهدي سائين (1889_1969ع)[402] سمجهن ٿا تہ اسين مرشد پيا ڳولهيون تنهن ڪري ٻئي نوان رنگ ڍنگ مرشد تيڻ لاءِ ڪن پيا ۽ پاڻ ڏي اشارو ڪري چيائون تہ "اهي هن فقير جي آڏو نچن پيا".[403]

حضرت مخدوم غلام محمد عليہ الرحمت جن محبانِ اهلبيت اجمعين هئڻ سان گڏوگڏ خوفِ خدا رکندڙ ۽ عاشقِ رسول ﷺ بہ هئا. مشهور روايت آهي تہ فقير وڏو عرف محمد فقير کٽياڻ رحمہ اللہ جڏهن حضرت مخدوم

Gul Hayat Institute

397 رفيقِ حيات، ص: 160.

398 رفيقِ حيات، ص: 161.

399 ڳوٺ الياس ابڙيجو تعلقہ هالا.

400 جي ايم سيد، جنب گذاريم جن سين، جلد 1، ص: 97.

401 يادِ رفتگان، ص: 122/123.

402 يادِ رفتگان، ص: 238.

403 مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، يادِ رفتگان، ص: 143.

غلام محمد جن وٽ سندن وڏي بنگلي تي رهاڻ لاءِ ايندو هو تہ پاڻ سندن نالي يعني "محمد" جي نسبت جي ڪري ڪيس پنهنجي سيرانديءَ کان وهاريندا هئا ۽ پاڻ سندس پير ۾ يا وري پيرانديءَ کان (مشرق طرف) تي ويهندا هئا. سندن اهو قدم جماعت جي خليفن ۽ مريدن کي ڏکيو لڳندو هئو جنهن جو اظهار پير ميان ڪوڙل صدَيقي قريشي[404] ۽ ٻيا. سندن خدمت ۾ ڪندا رهندا هئا.

## حضرت مخدوم محمد امين فهيم سائين رح جن جي ولادت جي پيشنگوئي:[405]

حضرت مخدوم محمد امين فهيم سائين جن 4 آگسٽ 1939ع تي تولّد ٿيا. سندن ولادت کان ٻتي مهينا اڳ هڪڙي ڏينهن حضرت گل سائين ﷫ جن، حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ سائين ﷫ ۽ فقرا سان گڏ "ڪرڙي مڪان" تي منزل انداز هئا. حضرت گل سائين ﷫ پهرين پاڻ ڪافي دير تائين پڪن وارن صاحبن جو ذڪر ڪندا رهيا ۽ فقيرن کان پڪن وارن صاحبن جون ڳالهيون ٻڌندا رهيا. بعد ۾ فقيرن کي حڪم ڏنائون تہ پڪن ڏٽي ﷫ جن جي لولي ٻڌائين. فقيرن اها لولي ڳائي ٻڌائي، لوليءَ ٻڌڻ بعد پاڻ يڪايڪ محفل برخاست ڪري اٿيا ۽ سيئي گڏ هالا پهتا.

خانداني دستور موجب نومولود جو نالو "مخدوم صاحب" کان پڇي رکيو ويندو آهي، انهيءَ سلسلي ۾ خاندان جا وڏا بزرگ مخدوم طالب الموليٰ سائين جن سان گڏجي، گل سائين ﷫ جن وٽ سندن وڏي بنگلي تي حاضر ٿيا ۽ طالب الموليٰ سائين ﷫ جن ڏانهن اشارو ڪندي، گل سائين ﷫ جن

Gul Hayat Institute

---

[404] پير ڪوڙل صدَيقي وارا حضرت مخدوم حامد عليه الرحمت بن حضرت غوث الحق مخدوم نوح ﷫ جو اولاد آهن ۽ تعلقہ شهدادپور ضلع سانگهڙ ۾ رهندا آهن. (مصنف)

[405] عاليجناب حضرت مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ سائين ﷫ جن وڏي بنگلي تي اها سڄي ڳالهہ مون کي ٻڌائي هئي، ان ڏينهن سندن طبيعت بہ ڏاڍي سٺي هئي مزاج بہ لاجواب هئن، پاڻ بيون بہ تمام گهڻيون ڳالهيون ۽ واقعات ٻڌايائون، منهنجي عرض ڪرڻ تي، پاڻ پنهنجي مٺڙي آواز ۾ صوفي نانڪ جي مذڪوره ڪافي "عمر دراز تيڏي هادي نگهبان هووي" جو "ٿلهہ" جهونگاري ٻڌايائون (مصنف)

ڪي عرض ڪيائون تہ "الله سائين جي فضل سان "پير ڏني سائين" ڪي اولاد ٿيڻ وارو آهي. سائين جن ٻڌائين تہ جيڪڏهن پٽ ٿيئي تہ ڪهڙو نالو رکجي ۽ جيڪڏهن..." ڳالهہ اجا اتي پهتي هئي تہ حضرت گل سائين ﷫ جن ان ڪي ختم ڪندي فرمايو تہ:

"انشاءَ الله پٽ ڄمندو، ڏاڏا سائين جو نالو رکنداسين پڪن وارا صاحب ايندا"

حضرت مخدوم محمد امين فهيم سائين ﷫ جن جي ولادت واري مبارڪ ڏينهن تي حضرت گل سائين ﷫ جن وڏي بنگلي جي ننڍي ورانڊي ۾ تشريف فرما هئا. حضرت مخدوم طالب المولىٰ سائين جن بہ وٽن موجود هئا. ان وقت راضي فقير سندن حڪم تي صوفي نانڪ فقير جي هيءَ ڪافي ڳائي رهيو هيو:

"عمر دراز تيڏي الله نگهبان هووي"

راضي فقير جيئن ئي ڪافي ڳائي پوري تي ڪئي تہ حضرت گل سائين ﷫ جن هٿ سان اشارو ڪري فقير کي حڪم تي ڏنو تہ "وري ڳاءِ" ايئن ٻتي پيرا فقير ساڳي ڪافي ورجائي ورجائي ٻڌائيندو رهيو. ايتري ۾ ماڻهوءَ اچي حضرت مخدوم محمد امين فهيم سائين ﷫ جن جي ولادت جي مبارڪ ڏني، ۽ پاڻ فقير کي اشارو ڏئي چيائون تہ بس. صوفي نانڪ فقير جي اها ڪافي هتي تبرڪ طور ڏجي ٿي:

## ڪافي[406]

عمر دراز تيڏي هادي نگهبان هووئي
هادي نگهبان هووئي الله دي امان هووئي

روز تساڏا حسن لئيندا دائم دل تي چاهہ ڇهيندا
سا ڏوليا غريبان دا ڏيان هووئي
مئن تہ دعاڳڻ دلبر تيڏي پال ڪرو سڻ زاري ميڏي
ڪرين گوش گولي اتي مولا مهربان هووئي
بخت برهہ دم تخت سلامت تاج تيڏي سر عشق امامت

406 نانڪ يوسف جو ڪلام، تنوير عباسي، ص: 202/201.

صاحب سلامي تيڏا عرب ايران هووئي
عشق تيڏي وچ عاشق جڪندي تياگ سڪان نون طلب رڪندي
حال دل معلوم تين نو راضي ربَ رحمان هووئي
ديس بدسئون نينهن نغارا عشق تساڏي ماريا نعرا
جِنَ ملڪ اِنسان اتي شاهي وڏا شان هووئي
نانڪ يوسف[407] تيڏڙي تاري سڀ گناهہ دا دواتون پساري
هر دم هووين نال اسان ڏي ديرا درازان هووئي

## مظلوم پاران حق جي شاهدي:[408]

حضرت مخدوم غلام محمد سائين ﷫ جن وٽ هڪڙي ستايل ماڻهو جو فيصلو آيو. پاڻ انهيءَ ماڻهوءَ جي ڳالهہ ٻڌي ۽ فيصلو ان جي حق ۾ ڏنائون مگر ٻي ڌر فيصلو مڃڻ کان پوءِ ان ستايل ماڻهوءَ کي پنهنجو حق ادا نہ ڪيو. ان بعد انهيءَ ستايل ماڻهوءَ وري اچي مخدوم صاحب جن کي داد رسي لاءِ عرض ڪيو جواب ۾ سائين جن فرمايو تہ تون ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪر ۽ اُن ۾ اسان جي شاهدي وار. انهيءَ ستايل ماڻهو ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو جنهن تي ڪورٽ شاهدي لاءِ مخدوم صاحب جن ڏانهن سمن ڪڍيو جيڪو حاضريءَ جي نوڪرن اهو چئي موٽائي ڇڏيو تہ هن کان اڳ ڪڏهن بہ گادي نشين ڪورٽ ۾ ڪو نہ حاضر ٿيا آهن. آخرڪار ڪورٽ جي وارنٽ نڪرڻ کان پوءِ مخدوم صاحب جن جي ڏيان تي ڳالهہ آندي ويئي. پاڻ خليفن تي ناراض ٿيا چاڪاڻ تہ ستايل ماڻهو کي خود قبلہ سائين جن ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي. ۽ سندن شاهدي وارڻ

Gul Hayat Institute

---

[407] فقير محمد يوسف عرف نانڪ يوسف ( 1697_1788ع) ولد مولوي محمد هاشم ڪوڪر اصل شهر جهل بلوچستان جو هو. حق جي تلاش ۾ گهران نڪري درازن ۾ آيو ۽ سچل سرمست ﷫ جو مريد ٿيو. مريد ٿيڻ بعد مرشد جي حڪم سان رياست خيرپور جي ڳوٺ اڳڙن جي پرسان آستانو اڏي ويٺو. خيرپور جو والي مير علي مراد خان سندس معتقد هو. سندس ڪلام سنڌي، سرائڪي ۽ هندي ۾ آهي. بيتن ۽ ڪافين تي ٻڌل آهي. سندس سمورو شعر صوفياڻو آهي. پروفيسر عطا محمد حامي، ڪلاسيڪي شاعري، ص: 48).

[408] راوي آغا جلال خان پٺاڻ، جنهن هيءُ واقعو الله ورائي ڪـٽل کان ٻڌو هو.

جي پڻ اجازت ڏني هئي. مخدوم صاحب جن فرمايو ته. شنوائي واري تاريخ ۾ هلبو ۽ هلي انهيءَ مظلوم ڀاران حق جي شاهدي ڏبي.

ڪورٽ جي شنوائي واري تاريخ تي. ڪين نئين جُتي پائڻ جي ڪري پير ۾ لِڦ نڪتي جنهن ڪري ويلڻ پيدا ٿي ۽ بخار جي حالت رهي انهيءَ جي باوجود پاڻ شاهدي ڏيڻ لاءِ هالا کان روانا ٿي اچي حيدرآباد جي ڊاڪ بنگلي ۾ منزل انداز ٿيا. مسٽر نبي بخش ميمڻ حيدرآباد جي مريدن ميمڻن جو خليفو ۽ سٽي مئجسٽريٽ هو جنهن کي ڊاڪ بنگلي تي سڏايو ويو ۽ ڪيس چيو ويو ته وڪيل صاحب جي معرفت ڪورٽ سڳوري جي جج صاحب کي مخدوم صاحب جي آرزو جو اطلاع ڏنو وڃي ته پاڻ انهيءَ آرزو جي ڪري ڪورٽ جيڪا مٿي ماڙي تي هئي ان تي ڪو نه چڙهي سگهندا تنهن ڪري ٻي شنوائي رکي وڃي وڪيل ڏيئل داس جلدي ۾ مخدوم صاحبؒ سان ملڻ لاءِ ڊاڪ بنگلي ۾ پهتو حضرت مخدوم غلام محمدؒ جن دروازي تي موجود هئا ۽ نقيري لباس پهريل هون ڏيئلداس. مخدوم صاحب جن کي ڪو نه سڃاتو ۽ ڪين مخاطب ٿي چيو ته خليفا مون کي مخدوم صاحب سان ملاقات ڪراءِ ايتري ۾ مسٽر نبي بخش ميمڻ سٽي مئجسٽريٽ به اُتي پهچي ويو. مخدوم صاحب جن سان مخاطب ٿي عرض ڪيائين ته هي ڏيئل داس وڪيل آهي جيڪو اوهان جي آرزو جو احوال جج صاحب کي ٻڌائي ٻي شنوائي وٺندو وڪيل صاحب سائين جن کي نه سڃاڻڻ جي معذرت ڪئي. ان کان پوءِ وڪيل صاحب ۽ مسٽر نبي بخش ميمڻ ڪورٽ ۾ جج صاحب سان ملڻ لاءِ روانا ٿيا ۽ جج صاحب سان مخدوم صاحب جن جي ڪورٽ ۾ اچڻ جي مجبوري بابت حقيقت ڪيائون. جج صاحب سچل سرمست جي درگاهه جو مريد ۽ صوفي طريقي جو ماڻهو هو ان کي اڳيئي حضرت گل سائينؒ جن سان ملڻ جو اشتياق هو جنهن حڪم ڪيو ته شاهد کي مٿي وني اچڻ بدران ڪورٽ کي هيٺ هلائبو ته جيئن مخدوم صاحب جن اتي اچي شاهدي ڏيئي سگهن. اها حقيقت ڏيئل داس ۽ مسٽر نبي بخش ميمڻ جن اچي گل سائين جن سان ڪئي ۽ پاڻ ڪورٽ هلڻ لاءِ روانا ٿيا ۽ وڪٽوريا گاڏي ۾ چڙهي اچي ڪورٽ ۾ لٿا ۽ جج صاحب جي اڳيان شاهدي ڏنائون جيڪا چند منٽن ۾ ختم ٿي. جج صاحب سائين جن سان سندن تڪليف جي معذرت ڪئي جواب ۾ پاڻ فرمايائون ته اسان نفس کي ماري حق لاءِ تڪليف ڪئي آهي. ان

Gul Hayat Institute

ڪان پوءِ جج صاحب ۽ مخدوم صاحب جن ڪافي وقت ڪچهري ڪئي بعد ۾ مخدوم صاحب جن سندن ملازم الهورايو عرف (ڪتل) کي حڪم ڪيو ته مولا عليؑ جي قدمن تي پاٽاري ڪبي. پاٽاري چار جي وڻ هيٺان رکي ويئي. شهر جي مريدن کي خبر پئجي ويئي ته اسان جو مرشد سائين آيو آهي جيڪي ٽولن ۽ گروهن ۾ پنهنجي مرشد جي ديدار لاءِ ڊاڪ بنگلا ۾ ڪورٽون ڳوليندا رهيا پر هن کي خبر نه پئجي سگهي ته مخدوم صاحب جن ڪٿي ترسيل آهن. نيٺ شام جي وقت پاڻ (حضرت مخدوم صاحب) حيدرآباد کان ريل رستي شهدادپور پهتا. جتان اُتن وسيلي هالا شريف پهتا.

## حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رحمة الله عليه جن جو ڪانئڻ ذڪر ونڻ:

حضرت مخدوم غلام محمد رحمة الله عليه جن حضرت مخدوم طالب المولىٰ رح جن جا والد به هئا ۽ مرشد به هئا. پاڻ سندن تصنيف دِرِ ناياب عرف يادرفتگان ۾ حضرت مخدوم غلام محمد سائين رحمة الله عليه جن ڪان ذڪر ونڻ ۽ تحسين و آفرين ملڻ جو ذڪر هن طرح ڪيو اٿن:

"هڪ ڀيري جلال وچان پڇيائون ته "ڪنهن جو مريد آهين." ۽ مون جواب ۾ چيو ته "سائين جن جو يعني اوهان جو". پاڻ فرمايائون ته پوءِ بعيت ڪئي اٿوَ يا نه! مون جواب ۾ چيو "ته ياد نه آهي." پاڻ فرمايائون ته "خليفو وٺي اچو." دير تي ته سڏي پڇيئون ته "خليفو ڪٿي آهي؟" عرض ڪيم ته "جڙيل شاه اجناٽيءَ ڏي ماٺهو موڪليو اٿم." پاڻ فرمايائون ته "وقت هي آهي چاچهين کي وٺي آءُ" آئون چاچا غلام حيدر جن کي وٺي آيس، اهي خليفه ٿيا ۽ سروري دستور موجب پنهنجي هٿن ۾ منهنجا هٿ وٺي ٽي ڀيرا لااله الا الله زوردار آواز ۾ پڙهايائون. مرشدنا قبله والد صاحب جن روزانو منجهند جو ٻي بجي کان ٽيئن بجي تائين مون کي تربيت ڏيندا هئا."

## حضرت مخدوم طالب المولىٰ سائين رح جن کي تحسين و آفرين:

حضرت قبله طالب المولىٰ سائين رحمة الله عليه جن فرمائن ٿا ته: "هڪ ڀيري صبح جي حاضريءَ تي آيس ته هالا جو ديوان گهنشامداس هيٺين ڪافي پيو پڙهي:

"عشق الاهي رازنهين، اسان ڪون آکڻ آندا".

Gul Hayat Institute

حضرت مخدوم غلام محمد، سندن وصال کان ٻه ٽي مهينا اڳ، آگسٽ 1944ع ۾ هالن مان اُسري وڃي "پکن" تي مقيم ٿيا هئا ۽ مٽن ۽ مائٽن، دوستن سروري جماعت وارن ۽ ٻين سان ملڻ بند ڪري ڇڏيو هئائون. سندن فرزند عالي المرتبت حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ رح پنهنجي مرشد ۽ شفيق والد جي ياد ۾ ڪجهه بيت چيا جيڪي اُن واقعي جا يادگار آهن. انهن بيتن مان ٽي هت ڏجن ٿا:[422]

## بيت

| | |
|---|---|
| پرين منجهه پکن | مون من هت ماندو ٿئي |
| هو خوش وسن وڻڪار ۾ | آئون لاغر ڪئي لڙڪن |
| طالب تهدل آهيان | سندي |
| | ابائن |
| وري شالَ وطن | وڃان ويڙهيچن ۾ |
| هو هُت چلين چانگ | مون من هت ماندو ٿيئي |
| طالب مولا، خوشيون | جيئن نيهن ۾ پايان نانگ |
| سرها سانگين سانگ | ٽي ساريان سنگهارن جا |
| سانگي ٿيا سائيهه ۾ | مارئي منجهه مارن |
| هو پٽن ۾ برسيا وٽن | هي ڏکي ڪئي دردن |
| طالب طلبون تن سنديون | قلب منجهه ڪڙهن |
| ابائن الله | شل موٽي ملي مارئي. |

مخدوم طالب المولیٰ رح
(29 شعبان 1363هه مطابق 18 آگسٽ 1944ع)

پاڻ عمر جو ڪافي کان زياده حصو سير و سياحت ۽ فقيري رنگ ۾ بسر ڪيائون. پڇاڙي جا 15 سال کن هالا ۾ اچي ويهي رهيا.[423]

Gul Hayat Institute

### وصال:

حضرت مخدوم غلام محمد سائين عليه الرحمت جن جو انتقال وڏي بنگلي جي الهندي پاسي واري ڏاکڻي ڪمري ۾ مغرب جي نماز وقت 1 محرم

---

422 ڪچڪول، ص: 43/44

423 مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ، يادِ رفتگان، ص: 143.

1364ھ مطابق 15 ڊسمبر 1944ع تي ٿيو.[424] پاڻ ڪٽ تي ليٽيل هئا، شام جو وقت هو، ڪمري ۾ ڪانئن علاوه، حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رحمة الله عليه، رئيس غلام محمد خان نظاماڻي[425] ۽ سندن حاضريءَ جو نوڪر گل فقير[426] موجود هئا. گل سائين رحمة الله عليه وفات کان ٻہ ٽي لمحا اڳ اُٿي ويٺا ۽ پير ۾ رکيل ڳُنڊري تي پنهنجو هٿ رکيائون ۽ هٿ تي پيشاني رکي ويٺا ۽ ٿوري دير ڪان پوءِ سندن روح پروازا ڪيو ان مهل مغرب جي ٻانگ آئي پئي ۽ نئين سال جو چنڊ پڻ ڏسڻ ۾ آيو.

سندن وفات تي پکي ولر ڪري سندن جنازي مٿان هليا، اهي پکي سندن صحبتي ۽ مونس هوندا هئا.[427]

ڪِنين ڪنين ماڙهين پيئي گلَ ڪائي
رسيا جي رمز ڪي تن پارسي پائي
"اَلانسانُ سِرّي وَاَنا سِرّہ" ورتي اِي وائي
راجا راڳائي هر دوئي هيڪ ٿيا

شاهہ ڀٽائي رحہ[428]

---

[424] مرشدنا حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ سائين رحمة الله عليه جن 1990ع ۾ مون کي، حضرت مخدوم غلام محمد عرف گل سائين رحمة الله عليه جن جي وفات وارو واقعو تفصيل سان ٻڌايو هو پاڻ اهو بہ فرمايو هئائون تہ حضرت گل سائين جن جي مزار تي لڳل تختيءَ واري تاريخ پڻ درست ڪرڻ ڪپي. محترم جي ايم سيد، جنب گذاريم جن سين، ص: 96 تي حضرت مخدوم غلام محمد رحمة الله عليه جي وصال جي اسلامي تاريخ تہ 1 محرم لکي آهي البتہ غلط فهمي، سبب اسلامي سن ۽ عيسوي تاريخ صحيح ڄاڻايل ڪانهي.

[425] ڏسو ضميمو 30.

[426] **گل فقير ميربحر (وصال: 1967ع):**

گل فقير 1932ع تي حضرت مخدوم غلام محمد رحمة الله عليه جن جي خدمت ۾ آيو ۽ سندن وصال تائين وٽن ملازم تي رهيو. سندن حڪم تي ڪافي وقت "ماهو پير" (نئين سعيد آباد) ۾ وڃي باقبيلي رهيو بعد ۾ حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن ڪيس اتان گهرائي پاڻ وٽ رهايو پهرين علي محمد ڏاتني واري جاءِ ۽ پوءِ فتح محمد شهوڪ واري جاءِ ڪيس رهائش لاءِ ڏنائون. گل فقير بہ شاديون ڪيون هيون، ڪيس هڪڙي نياڻي جائي جيڪا پنهنجي ڀاءُ محمد حسن جي پٽ کي ڏنائين، گل فقير جو انتقال 12 شعبان 1387ھ مطابق 15 نومبر 1967ع تي ٿيو.

[427] رفيقِ حيات، ص: 161.

[428] شاه جو رسالو ڪلياڻ آڏواڻي، ص: 303.

Gul Hayat Institute